# عشر (فصلن جي زڪوٰة)

# جي باري ۾ ضروري

# سوال جواب

سنڌي ترجمو



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# عشر (فصلن جي زڪوٰة) جي باري ۾ ضروري سوال جواب

**سوال:** زڪوٰة جا ڪيترا قسم آهن؟

**جواب:** زڪوٰة جا ٽي قسم آهن:

(1) سون چاندي، ڪرنسي وغيره ۽ تجارت جي زڪوٰة (2) چوپائي مال جي زڪوٰة (3) فصلن جي زڪوٰة. انهن مان هر هڪ جي زڪوٰة ڪڍڻ جو طريقو ۽ نصاب جو مقدار بہ الڳ آهي.

**سوال:** فصلن جي زڪوٰة کي ڇا چئبو آهي؟

**جواب:** فصلن جي زڪوٰة کي عُشر چئبو آهي.

**سوال:** عُشر ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب:** عشري زمين مان اهڙي شيء پيدا ٿئي جنهن جي پوکڻ جو مقصد زمين جو نفعو حاصل ڪرڻ آهي تہ ان پيداوار جي زڪوٰة فرض آهي، ان زڪوٰة کي عشر چئبو آهي. (بهار شريعت، جلد 1، ص 916، مڪتبة المدينہ ڪراچي)

جيڪا زمين برسات، نهر، ندي جي پاڻي سان بغير قيمت ادا ڪرڻ جي سيراب ڪئي وڃي، انهيءَ ۾ عُشر يعني ڏهون حصو واجب آهي. جنهن زمين جي آبپاشي ڏول يا پنهنجي ٽيوب ويل وغيره جي ذريعي ٿئي، انهيءَ ۾ نصف عشر يعني ويهون حصو واجب آهي. (فتاويٰ رضويہ، جلد 10 ص 203 رضا فائونڊيشن لاهور)

بخاري شريف ۾ آهي: "عَنْ سَالِمِ بْنِ عَبْدِ اللّٰهِ ، عَنْ أَبِيهِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ، عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، قَالَ فِيمَا سَقَتِ السَّمَاءُ وَالْعُيُونُ أَوْ كَانَ عَثَرِيًّا الْعُشْرُ وَمَا سُقِيَ بِالنَّضْحِ نِصْفُ الْعُشْرِ" يعني حضرت سالم بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جن زمينن کي برسات ۽ چشمن سيراب ڪيو يا اهي نمي واريون هجن انهن ۾ عشر (ڏهون حصو ڏيڻ واجب) آهي ۽ جيڪي زمينون پاڻي (يعني ڏول يا ٽيوب ويل وغيره جي) ذريعي سيراب ڪيون وڃن انهن ۾ نصف عشر (ويهون حصو واجب) آهي. (بخاري شريف ج 1، ص 201 ڪراچي)

**سوال:** عُشر ۽ نصف عشر جي رياضي جي حوالي سان وضاحت ڪريو؟

**جواب:** عشر ڏه فيصد کي چئبو آهي ۽ نصف عشر پنج فيصد کي چئبو آهي، تنهن ڪري عشر لازم ٿيڻ جي صورت ۾ سموري فصل جو وزن ڏهن سان ونڊ ڪريو ۽ نصف عشر ٿيڻ جي صورت ۾ سموري فصل کي ويهن سان ونڊ ڪريو مثال طور سو مڻ ڪڻڪ پيدا ٿي ۽ هڪ مڻ ۾ چاليهہ ڪلو ٿيندا آهن تہ هڪ سؤ مڻ ۾ چار هزار ڪلو ٿيا، ان جو عشر ڪڍڻ جي لاءِ چئن هزارن کي ڏهن سان ونڊ ڪريو تہ جواب ٽيندو چار سؤ ڪلو ۽ چار سؤ ڪلو جا ڏهہ مڻ ٿيندا. تنهن ڪري چار هزار ڪلو ڪڻڪ مان ڏهہ مڻ يا چار سؤ ڪلو عشر طور ڪڍڻ واجب ٿيو.

**سوال:** عُشر ڏيڻ جي ڪهڙي اهميّت ۽ فضيلت آهي؟

**جواب:** عشر جي ادائگي جو قرآنِ ڪريم حڪم ڏنو آهي. **الله تعاليٰ** ارشاد فرمائي ٿو: "وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ حَصَادِهٖ"

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ان جو حق ادا ڪيو ان جي ڪٽائي واري ڏينهن. (پ 8 انعام آيت 141)

انهيءَ آيت ۾ حق مان مراد عشر آهي جيئن تہ ان ڳالهہ جي وضاحت اڪابر اصحابن ۽ تابعين کان بيان ٿيل آهي. فتاويٰ رضويہ ۾ آهي تہ حضرت ابنِ عباس، طاؤس، حسن، جابر بن زيد ۽ سعيد بن المُسَيَّب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھُم جن وٽ فصل جو حق ادا ڪرڻ مان عُشر ادا ڪرڻ مراد ورتو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 65، رضا فائونڊيشن لاهور)

بنا شرعي عذر جي عشر ادا ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ وارو سخت گهنگار ۽ ان جي گواهي قابل قبول ناهي.

(فتاويٰ رضويہ جلد 10، ص 76، رضا فائونڊيشن لاهور، مجمع الانهر ج 1 ص 284 ڪوئٽہ)

حضرت سيِّدنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: ڪنهن قوم مان هڪ شخص آيو ۽ ان رحمت عالم صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان سوال پڇيو تہ ان شخص جي باري ۾ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا ٿا فرمائن جيڪو مال جي زڪوٰة ادا ڪري؟ تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "جنهن پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪئي، بيشڪ **الله تعاليٰ** انهيءَ کان شر کي پري ڪري ڇڏيو." (المعجم الاوسط، جلد 2، ص 161، الحديث 1579)

حديث جي تقريبًا هر وڏي ڪتاب ۾ عُشر يعني فصلن تي زڪوٰة بابت باب (Chapter) موجود آهي. امام بخاري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القَوِي بہ پنهنجي ڪتاب صحيح بخاري ۾ هڪ باب ٻڌو آهي، جنهن جو نالو رکيو ”بابُ العُشر فِيما يُسقٰي مِن ماءِ السّماءِ و بِالماءِ الجَارِي“ يعني نهر ۽ بارش جي ذريعي سيراب ڪئي ويندڙ فصلن بابت عشر جو باب. ان ۾ عهد رسالت جي دؤر ۾ عشر ڪڍڻ جو هڪ واقعو موجود آهي. حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي: ڪجور لهڻ وقت (بيت المال ۾ صدقي جي ڪجور جمع ڪرائڻ لاءِ) رسول **الله** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ ڪجورون آنديون وينديون هيون، هر هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجون ڪجورون ڪٽي ايندو هو، ايتري قدر جو بارگاهِ اقدس ۾ ڪجورن جا ڍير لڳي ويندا هئا. هڪ ڀيري حضرت حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا انهن ڪجورن سان کيڏڻ لڳا انهن مان هڪ شهزادي ڪجور کڻي پنهنجي وات ۾ وڌي، رسول **الله** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڏٺو تہ ان ڪجور کي ان جي وات مان ڪڍي فرمايو: ”ڇا اوهان نٿا ڄاڻو تہ آلِ محمد صدقو ناهن کائيندا.“ (بخاري ، ج 1، ص 201، ڪراچي)

ان حديث پاڪ جي تحت مشهور محدّث علّامہ بدرالدّين عيني حنفي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ القَوِي لکن ٿا: ”ان حديث مان حاصل ٿيڻ وارن فائدن مان معلوم ٿيو تہ صدقي وارو مال بيت المال ۾ ڏيڻ لاءِ سلطان جي بارگاهہ ۾ آندو ويندو آهي ۽ ڪجور پٽڻ وقت (عشر طور) صدقو وصول ڪرڻ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت آهي، جيئن **الله** تعاليٰ ارشاد فرمايو: ”وَ اٰتُوۡا حَقَّهٗ یَوۡمَ حَصَادِهٖ“ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان جو حق ادا ڪيو ان جي ڪٽائي واري ڏينهن. (پ 8 انعام آيت 141) (عمدة القاري شرح البخاري، جلد 6، ص 537 مدينة الاولياء ملتان)

انهيءَ بيان ڪيل آيت ۽ حديث پاڪ مان انهن ماڻهن جي غلط فهمي بہ دور ٿي وئي هوندي جيڪا فصلن تي عشر يا نصف عشر ڪڍڻ جي حڪم تي حيران ٿيندا آهن ۽ هي چوندا آهن تہ اهڙو حڪم تہ اسان اڄ ڏينهن تائين ناهي ٻڌو.

**سوال:** عُشر ادا نہ ڪرڻ جو ڪهڙو وبال آهي؟

**جواب:** عُشر ادا نہ ڪرڻ وارن جي لاءِ سخت وعيدون آيون آهن.

صحيح بخاري جي حديث پاڪ آهي تہ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ مڪي مدني سرڪار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ مال ڏئي ۽ اُهو اُن جي زڪوٰة ادا نہ ڪري تہ قيامت جي ڏينهن اُهو مال گنجي نانگ جي صورت ۾ ڪيو ويندو جنهن جي مٿي تي بہ چٽيون هونديون (يعني بہ نشان هوندا) اُهو نانگ انهيءَ جي ڳچي ۾ طوق بڻائي ڪري وڌو ويندو، پوءِ ان (زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ واري) جون واڇون جهليندو ۽ چوندو: آئون تنهنجو مال آهيان، آئون تنهنجو خزانو آهيان.“ (بخاري شريف، جلد 1، ص 188، مطبوعہ ڪراچي)

المعجم الاوسط ۾ آهي تہ حضرتِ سيدنا بُرَيده رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪا قوم زڪوٰة نہ ڏيندي **الله** عَزَّوَجَلَّ اُن کي ڏُڪار ۾ مبتلا فرمائيندو.“ (المعجم الاوسط جلد 5 ص 26 حديث 4577)

ماڻهن کي ڏڄڻ گهرجي تہ **الله** تعاليٰ انهن تي انعام و اڪرام ڪيو ۽ پنهنجي فضل سان انهن کي عمدا فصل ۽ اناج ڏنو ۽ اهي وري **الله** تعاليٰ جي ئي حڪم تي ان جي راهہ ۾ مال ڏيڻ ۾ حيلا ۽ بهانا ڪن ٿا. قرآن پاڪ اڳين امتن جي هڪ اهڙي خاندان جو واقعو بيان ڪيو آهي، جن جو هڪ باغ هو ۽ پٽن پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلڻ جي بدران **الله** جي راهہ ۾ باغ جا ميوا فقيرن کي نہ ڏيڻ جو منصوبو بڻايو، جنهن جي ڪري انهن جو باغ عذاب جي لپيٽ ۾ اچي ويو. جڏهن انهن توبهہ ڪئي تہ **الله** تعاليٰ انهن کي ان کان بهتر باغ عطا فرمايو. ان واقعي کي قرآن پاڪ جي سيپاري 29 سوره قلم جي آيت نمبر 17 کان 33 تائين ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.

ان واقعي جو خلاصو هي آهي: ”هڪ باغ جو نالو ضروان هو جيڪو ملڪ يمن ۾ صنعاء کان ٻن ڪوهن جي مفاصلي تي هو. ان جو مالڪ وڏو سخي هو، جڏهن ميوا پٽڻ جو وقت ايندو هو تہ پڙهو ڏياري

فقيرن کي گڏ ڪندو هو، گهڻو حصو فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو، فصل جي پيداوار مان بہ ڏهون حصو مسڪينن کي ڏئي ڇڏيندو هو، جنهن جي ڪري ان جي مال ۾ ڏاڍي برڪت هئي. ان کان پوءِ ان جا ٽي پٽ وارث ٿيا، جيڪي ڪنجوس هئا. انهن باغ تيار ٿيڻ وقت پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ اسان جو خاندان وڏو آهي ۽ ميوا گهٽ آهن، جيڪڏهن اسان بہ پنهنجي پيءُ وانگر سخاوت ڪنداسين تہ مسڪين ٿي ويندداسين، ڇڳو صبح سويري هلي ميوا پٽينداسين، ڪنهن فقير کي خبر بہ نہ پوندي.

اهي پنهنجي ان منصوبي تي ڏاڍا خوش هئا ۽ ان خوشي ۾ انهن انشآءَاللهعَزَّوَجَلَّ بہ نہ چيو، نہ انهن الله تعالىٰ جي تسبيح بيان ڪئي ان ڪري انهن جو منصوبو ناڪام ٿي ويو، انهن جي باغ ۾ پهچڻ کان پهريان زبردست آنڌي آئي يا گرم هوا جو واچوڙو آيو جنهن باغ جي ميون کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو، ان وقت اهي رات جو آرامي هئا. اهو ميويدار باغ لڻيل فصل وانگر ٿي ويو جڏهن صبح ٿي تہ اهي هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن باغ جا ميوا پٽڻا آهڻ تہ هاڻي دير نہ ڪريو، صبح سويري ئي هلو. حضرت عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمايو تہ اهو انگورن جو باغ هو اهي ماڻهو آهستي آهستي ڳالهائيندي پئي ويا تہ متان ڪير ٻڌي نہ وٺي ۽ فقيرن کي ميون پٽڻ جي خبر نہ پوي، اهي پختي ارادي سان باغ ڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ انهن جو خيال هو تہ اهي پنهنجو منصوبو پورو ڪرڻ تي بلڪل قادر آهن. اهي سمجهن پيا تہ اهي ميون پٽڻ تي بلڪل قادر آهن ۽ انهيءَ مهل سيئي ميوا ڪٽي ايندا، پر جڏهن اتي پهتا تہ حيران ٿي ويا، ڪٽي جو ڏسن تہ سرسبز و شاداب باغ ۽ ميون سان ڀريل وڻ سيئي برباد ۽ تباهہ ٿي چڪا آهن. سموري باغ ۾ آنڌي آئي هئي جنهن سبب سيئي ميوا سڙي خاڪ ٿي چڪا آهن. جڏهن انهن اهو منظر ڏٺو تہ سمجهڻ لڳا تہ شايد اسان رستو ڀلجي ڪنهن ٻئي باغ ۾ آيا آهيون، پر جڏهن غور سان ڏسڻ کان پوءِ انهن کي اها پڪ ٿي وئي تہ اهو انهن جو ئي باغ آهي تہ چوڻ لڳا تہ اسان بدبخت آهيون ان باغ جا ميوا اسان جي نصيب ۾ نہ هئا ان ۾ جيڪو شخص بهتر هو ان چيو: مون توهان کي پهريان چيو هو توهان سبحٰن الله چو نٿا چئو، اهو ٻڌي اهي چوڻ لڳا: بيشڪ اسان جو ربّ سبحٰن (پاڪ ۽ بي عيب آهي) اسان ئي ظالم آهيون، پوءِ اهي هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا تہ اسان ناحق مسڪينن جو حق ڦٻايو ۽ الله تعالىٰ جي اطاعت ڪرڻ ڇڏي ڏني، اسان جي سرڪشي حد کان وڌي وئي هئي، ان ڪري اسان تي عذاب آيو.

ارشاد ربّاني آهي:

قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَاۤ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِیْنَ ﴿۲۹﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ یَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ قَالُوْا یٰوَیْلَنَاۤ اِنَّا كُنَّا طٰغِیْنَ ﴿۳۱﴾ عَسٰى رَبُّنَاۤ اَنْ یُّبْدِلَنَا خَیْرًا مِّنْهَاۤ اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿۳۲﴾

(پ 29 سورهءِ قلم آيت 29 تا 32)

**ترجموڪنزالايمان:** چوڻ لڳا پاڪائي آهي اسان جي رب جي بيشڪ اسان ظالم هئاسين هاڻي هڪ ٻي جي طرف ملامت ڪندي متوجهہ ٿيا چوڻ لڳا هاءِ اسان جي تباهي بيشڪ اسان سرڪش هئاسين اميد آهي اسان کي اسان جو رب هن کان ڀلو بدلو ڏي اسان پنهنجي رب جي طرف رغبت رکون ٿا.

جڏهن انهن توبهہ ڪئي ۽ صدقي ۽ خيرات ڏيڻ تي راضي ٿيا تہ پوءِ انهن توبهہ قبول ٿي ۽ انهن جي مال ۾ برڪت پئي. تفسير خزائن العرفان ۾ آهي: انهن ماڻهن صِدق ۽ اخلاص سان توبهہ ڪئي تہ الله تعالىٰ ان جي بدلي انهن کي بهتر باغ عطا فرمايو، جنهن جو نالو باغ حيوان هو ۽ ان ۾ گهڻي پيداوار ۽ آبهوا جي لطافت جو اهو عالَم هو جو انگورن جو هڪ ڇڳو، هڪ گڏهہ تي لڏيو ويندو هو. (خزائن العرفان ص 1046، مڪتبة المدينہ)

**سوال:** ڇا نيڪي (يعني مقاطعي) تي ڏنل زمين جي پيداوار تي بہ عُشر ٿيندو؟

**جواب:** جي ها، مقاطعي تي ڏنل زمين جي پيداوار تي بہ عشر ٿيندو ۽ ان جي ادائيگي پوک ڪرڻ واري تي ٿيندي. (بهارِ شريعت جلد 1 ص 921 مڪتبة المدينہ ڪراچي)

**سوال:** ڇا عشر ڪُل پيداوار مان ادا ڪرڻو پوندو يا خرچ ڪڍي بقايا پيداوار مان ادا ڪيو ويندو؟

**جواب:** جنهن پيداوار ۾ عُشر واجب آهي، انهيءَ ۾ ڪُل پيداوار تي عُشر يا نصف عشر ادا ڪيو ويندو، خرچ ان کان پوءِ ڪڍيو ويندو. (بهارِ شريعت جلد 1 ص 918 مڪتبة المدينہ ڪراچي)

**سوال:** ميوو ظاهر ٿيڻ ۽ فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ فصل وڪڻي ڇڏيو تہ عُشر ڪنهن تي ٿيندو؟

**جواب:** اهڙي صورت ۾ عُشر وڪڻڻ واري تي ٿيندو. (ردالمحتار علي الدرالمختار جلد 3 ص 324 مطبوعہ ڪوئٽہ)

**سوال:** عُشر ڪڏهن ادا ڪيو وڃي؟

**جواب:** جڏهن پيداوار حاصل ٿي وڃي يعني فصل پچي وڃي يا ميوا نڪري اچن ۽ نفعي حاصل ڪرڻ جوڳا ٿي وڃن تہ عُشر واجب ٿي ويندو. فصل ڪٽڻ يا ميوا پٽڻ کان پوءِ حساب لڳائي ڪري عشر ادا ڪرڻو پوندو.
(ردالمحتار علي الدرالمختار جلد 3 ص 321 مطبوعہ ڪوئٽہ)

**سوال:** عُشر ڪنهن کي ڏنو وڃي؟

**جواب:** عشر جيئن تہ فصل جي پيداوار جي زڪوٰة جو نالو آهي، انهيءَ ڪري جن کي زڪوٰة ڏئي سگهجي ٿي، اُنهن کي ئي عشر ڏنو ويندو. يعني فقير، مسڪين، عامل، رقاب، غارم، في سبيل **اللّٰه**، مسافر.
(فتاويٰ اهلسنّت، ڪتاب الزڪوٰة ص 597 مطبوعہ مڪتبة المدينہ ڪراچي)

عشر جي باري ۾ وڌيڪ معلومات لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ڪيل رسالو "عُشر جا احڪام" ۽ فتاويٰ اهلسنّت "احڪام زڪوٰة" جو مطالعو ڪريو.

## دعوتِ اسلامي جي تحت خدمتِ دين جا 95 شعبا

{1} مدني انعامات {2} مدني قافلہ {3} مجلس بيرونِ ملڪ {4} مدني تربيت گاهون {5} مجلس هفتيوار اجتماع {6} مجلس تربيتي اجتماعات براءِ بيرونِ ملڪ {7} اجتماعي اعتڪاف (رمضان 30، 10 ڏينهن) {8} مجلس حج ۽ عمرو {9} مدني مذاڪرو {10} جامعة المدينہ (للبنين) {11} جامعةُ المدينہ (للبنات) {12} مدرسة المدينہ (للبنين) {13} مدرسة المدينہ (جُز وقتي) {14} مدرسةالمدينہ ڪورسز {15} مدرسة المدينہ (للبنات) {16} مدرسة المدينہ (بالغان) {17} مدرسة المدينہ آن لائن {18} دارُالمدينہ (للبنين) {19} دارالمدينہ (للبنات) {20} دار المدينہ (اسڪول) {21} دارُالافتاء اهلسنّت {22} المدينہ لائبريري {23} تخصص في الفقہ {24} مجلس علاج {25} مجلس تَوقِيت {26} مجلس ڪارڪردگي فارم و مدني گل {27} مختلف ڪورسز (مدني انعامات و مدني قافلہ ڪورس، قفلِ مدينہ ڪورس، مدني تربيتي ڪورس وغيره) {28} المدينة العِلمية {29} مجلسِ تراجم {30} مڪتبة المدينة {31} مڪتبة المدينہ جا بستا {32} مدني چينل {33} مجلس آئي ٽي {34} مجلس مووي ريلي {35} شعبہءِ تعليم {36} مجلس ڪورسز براءِشعبہءِ تعليم {37} مجلس خصوصي اسلامي ڀائر {38} مجلسِ اصلاح براءِ قيديان {39} مجلس تاجران {40} مجلس وُڪلاء و ججز {41} مجلس ذرائع آمد و رفت (ٽرانسپورٽرز) {42} مجلس ڊاڪٽرز {43} مجلس هوميوپيٿڪ ڊاڪٽرز {44} مجلس وٽنري ڊاڪٽرز (جانورن جا ڊاڪٽر) {45} مجلس حڪيم {46} مجلس اصلاح براءِ ڪلاڙيان {47} مجلس عُشر و اطراف ڳوٺ {48} مجلس رابطہ {49} مجلس رابطہ بالعلماء والمشائخ {50} مجلس مزارات اولياء {51} مجلس نشر و اشاعت {52} مجلس گوشت فروش {53} مجلسِ خُدامُ المساجد {54} آئمہءِ مساجد {55} مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ {56} مجلس صحراءِ مدينہ {57} مجلس لنگرِ رسائل {58} مجلس خير خواهي (زلزلو ۽ سيلاب زدگان وغيره) {59} مجلس افرادي قوت ايچ. آر {60} مجلس امامت ڪورس {61} لنگرِ رضويہ {62} مجلس ماليات {63} مجلس اثاثہ جات {64} مجلس اجاره {65} مجلس حفاظتي امور {66} مجلس فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) {67} مجلس تعميرات {68} مجلس ڪارڪردگي {69} مجلس مدني عطيات بڪس {70} مجلس مدني بهارون {71} مجلس فيضانِ مُرشد {72} مجلس تجهيز و تڪفين {73} مجلس اجتماع ذڪر ونعت {74} مجلس ڪورس براءِ نومسلم {75} مجلس تفتيش قرات و مسائل {76} مدرسة المدينہ للبنين (رهائشي) {77} مجلس آن لائن ڪورسز (علوم اسلاميہ ڪورس، نومسلم ڪورس، فرض علوم ڪورس) {78} مجلس چرم قرباني {79} مجلس تحقيقاتِ شرعيہ {80} مجلس اصلاح براءِ فنڪار.

**اسلامي ڀينرن جا شعبا** {81} عالمي مجلس مشاورت {82} مجلس مدني ڪم براءِ اسلامي ڀينرن {83} مجلس فيضانِ مُرشد {84} مجلس شعبہءِ تعليم {85} مجلس خصوصي اسلامي ڀينرون {86} مجلس مدني انعامات {87} مدرسة المدينہ (بالغات) {88} مجلس ڪورسز {89} مجلس حفاظتي اُمُور {90} مجلس رابطہ {91} مدني تربيت گاهہ {92} مجلس مدرسة المدينہ للبنات آن لائن {93} مجلس تعويذاتِ عطاريہ {94} مجلس علاج ايصالِ ثواب {95} مجلس تحفظ اوراق مقدسہ.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## سُنّت جون بهارون

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مهڪندڙ مدني ماحول ۾ بڪثرت سُنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن. اوهان کي به پنهنجي شهر ۾ **دعوتِ اسلامي** جي ٿيندڙ هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماع ۾ سڄي رات گذارڻ جي مدني التجا آهي. عاشقانِ رسول جي **مَدَني قافلن** ۾ سنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ۽ روزانو **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مَدَني انعامات** جو رسالو ڀري ڪري هر مهيني پنهنجي شهر جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو. اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ **ايمان جي حفاظت** جو ذهن بڻجندو، هر اسلامي ڀاءُ پنهنجو هي مدني ذهن بڻائي ته **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني انعامات** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **مَدَني قافلن** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي
باب المدينه ڪراچي فون نمبر: UAN: +923 111 25 26 92 Ext:1262

MC 1286